# اُڃايل آبشار



علي اظهار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اُڃايل آبشار

(شاعري)

علي اظهار

سچائي اشاعت گهر - دڙو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سچائي اشاعت گھر جو ستٽيھون ڪتاب

نالو ڪتاب : اڃايل آبشار
موضوع : شاعري
شاعر : علي اظھار
ڇپائيندڙ : سچائي اشاعت گھر دڙو
سال/ مھينو : مئي 1966ع
ڪمپوزڊ باءِ : راڻو ميگھواڙ (ڪونڌر ڪمپوزرس گاڏي کاتو حيدرآباد)
قيمت : 30 روپيا
پڪو جلد : 50 روپيا

Sachai Book No. 37

Name of Book: Unjayal Aabshaar
(Poetry)
By: Ali Izhar
Published by: Sachai Ishait Ghar - Daro
May 1996
Composed by: Rano Meghwar
(Koondher Composers, Ghari Khata Hyd.)
Preice:
Dust Cover: 50 Rupes

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ارپنا:

پنهنجي منڙي امڙ

غلام سڪينا جي نالي

20.8.97

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فهرست


1 مهاڳ — تاجل بيوس — 5

2. باباجي يادءِ — حڪيم غلام محمد "عرشي" — 12

3 پنهنجي ڪٿا — علي اظهار — 13

4 غزل — 15 کان 25 ۽ 48 کان 56

5 چوسٽا — 26 کان 47.

6 وايون — 51-58، 77 کان 80 ۽ 83 کان 87

7 نثري نظم — 59 کان 76 ۽ 81-82-84

## ٻاڙهن ڇانورن جي مهڪ ڀريءَ مٽيءَ جو شاعر - علي ”اظهار“

مهاڳ

تازو اڪيڊمي آف ليٽرس طرفان ڪوٺايل عالمي ادبي ڪانفرنس جي موقعي تي ’آوار‘ زبان جي وڏي شاعر رسول حمزي چيو: ”اي ڌرتي! جڏهن تو سان پيار ڪرڻ وارا هڪ هزار ماڻهو هجن، تڏهن اُنهن ۾ رسول حمزو به شامل ضرور هوندو. جيڪڏهن، تو سان پيار ڪرڻ وارا هڪ سؤ ماڻهو رهجي وڃن، تڏهن به انهن ۾ رسول حمزو هوندو. جڏهن توسان پيار ڪرڻ وارو فقط هڪ ماڻهو رهجي وڃي، ته اُهو رسول حمزو ئي هوندو، پر جڏهن توسان پيار ڪرڻ وارو ڪوبه نه هجي، ته پوءِ اي ڌرتي! منهنجي ماءُ!! سمجهجانءِ ته رسول حمزو مري چڪو آهي.“

هن ڪان اڳ مهان ڪوي رسول حمزو ڌرتيءَ سان پيار اجهو هنن لفظن ۾ ڪندو رهيو هو: ”اي ڌرتي! منهنجي ماءُ ڪو توکي گدرو سمجهي، ڦارون، ڦارون ٿو ڪري، ته ڪو توکي ڪينهون سمجهي، تڏا ٿو هڻي. اُوري آءُ، ڌرتي، منهنجي ماءُ!! ته توکي سيني سان لايان.“

ڌرتي ماتا، جنم ڀوميءَ جي حوالي سان وڏي يا پهرين ماءُ هجي ٿي، جنهن سان انسان جو ازلي رشتو آهي. ٻڌايو ٿو وڃي ته، هن ڌرتيءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي رهندڙ هر ساهدار جو فطري لاڙو خونخوار هجي ٿو. وڏو جانور، ننڍي جانور کي هڙپ ڪري ٿو ۽ چڏي ۽ اهڙيءَ طرح وڏيون مڇيون، ننڍين مڇين کي ڳڙڪايو ڇڏين. جانورن جو تہ اهو خونخوار فطري رويو آسان قبول ڪري سگهون ٿا. پر انسانن جي ان عمل کي فطري عمل سڏڻ، انساني رُتبي کي ڪيرائي، جانور جي برابر ٿو آڻي بيهاري، ڇاڪاڻ تہ جانورن، پکين ۽ پُسن ۾ عقلي عنصر جبلت (Instinct) آهي ۽ انسان ۾، جنهن کي 'حضرت انسان' بہ سڏيو ويو آهي. اُها "عقلي حڪمت"، شعور (Consciousness) جي ڳهن ڳنن سان سجايل آهي، جنهن وٽ ڪري- ڪوڙي، بُري-ڀلي ۽ عالم- جاهل جي پرک هجي ٿي، ان ڪري انسان جو انسان سان منفي رويي بدران مثبت ۽ لاڀائتو رويو هجڻ لازمي آهي.

گوئرنگ چوندو هو تہ 'جڏهن بہ ڪو آرٽ (فن) جو نالو وٺندو آهي، تڏهن سندس هٿ پستول ڏانهن وڌي ويندو آهي.' گوئرنگ نازي حڪمران هٽلر جو ثقافتي وزير هو. هوڏانهن روسي شاعر مايا ڪوفسڪيءَ چيو آهي تہ هو هڪدم اُتي پهچي ٿو وڃي، جتي انساني ڳوڙهن ۽ ڏکن کي صليب تي چاڙهيو ٿو وڃي. مون لاءِ هر معصوم ٻالڪ جو ٽهڪ ثابت ڪندو آهي تہ زندگي لازوال آهي.

شعري مجموعي "اُجايل آبشار" جو تخليقڪار علي اظهار آهي، جنهن جي شعر کي مون مٿي، ذڪر ڪيل ڏاهن ۽ پارکن جي ڪسوٽيءَ تي پرکيو آهي ۽ علي اظهار هر صورت ۾ مونکي وقت جو ننڍڙو مسيحا محسوس ٿيو آهي، جيڪو انسانن سان فقط پيار ڪرڻ ئي سکيو آهي ۽ انسانن جو ڀڳل ۽ ٽٽل هئن، پيرن کي پاڻ ۾ جوڙڻ ئي سکيو آهي. علي اظهار، رسول حمزي ۽ مايا ڪوفسڪيءَ جو اُهو پوئلڳ آهي، جيڪو انسان جي رت ۽ هڏي جي واپاريءَ خلاف، وڍيل عضون جا جوڙ لڳائي، سرجڻهار جي ناهيل قانون تي عمل ڪندي، پنهنجن شعرن ۾ 'مسيحا' ٿو ثابت ٿئي، جڏهن هو چوي ٿو:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي شهر سارو مسيحائن جو هو
جو مُئو بيمار، تنهنجي شهر ۾؟
چوڪ تي، گهر ۾ گهٽي ۾ ڪوڙ جي
ٿي ٿئي پرچار، تنهنجي شهر ۾
تنهنجو سِرُ آ، نہ تہ رکيو چا هي پيلا
او، علي اظهار! تنهنجي شهر ۾.

–

منهنجي گهر کان تنهنجي گهر جو
فاصلو، مونکي منهنجي عمر ساري تي
لڳي. ڪيئن ڏيان، ڪنهن کي ڏيان ۽
چو ڏيان! هر خوشي مونکي اُڌاري ٿي
لڳي. انگريزيءَ ۾ چيو ويندو آهي:

"One should not live for his own sake, but he should live for others."

مطلب آهي تہ ڪنهن کي پاڻ لئي جيئڻ بدران، ٻين لاءِ جيئڻ گهرجي. رومانوي شاعريءَ جي ٻيءَ کيپ (Generation) جي هڪ وڏي نانوَ، ڪيٽس (Keats) چيو آهي: .Poetry of earth is never dead يعني ڌرتيءَ جي شاعريءَ ڪڏهن بہ نہ مرندي آهي. اچو تہ اهڙا عڪس ۽ اولڙا ’اظهار‘ جي شاعريءَ مان ڳولهيون:

الا، جو اسان کان ڪنارو ڪري وئين
محبت کان مايا کي پيارو ڪري وئين
هٽي داغ دل تي جدائيءَ جو جاني!
جواني اسانجيءَ کي ڪارو ڪري وئين.

مون شاعريءَ جي چڪ تان لاٿل اظهار جي هر پڪي گهڙي کي هٿن ۾ ڪٽي، ڏسٽي آڱر جي مدد سان پرکي ڏٺو آهي، جنهن ۾ اظهار فطري طور مونکي، قطعي ۽ غزل جو شاعر ٿو لڳي. سندس آويءَ مان بکل هر گهڙو ’سهڻين‘ کي ٻوڙڻ بدران، تاري، ھُن پار پُڄائيندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زندگيءَ جي نويد آهين تون
ها، بنا چنڊ عيد، آهين تون
تو سوا زندگي اڌوري آ
جو ضرورت شديد آهين تون.

—

تو جهي سانوري جي ڳولا آ
ها، مونکي ڇانوري جي ڳولا آ
جو وسي دل جي ٽوٽ ڌرتيءَ تي
کنهن ککر، بانوري جي ڳولا آ.

ڊاري ٻوليءَ جي لفظن کي قافين طور استعمال ڪرڻ جو سندرءِ سيپائينڊڙ ڏانءُ تہ ڏسو:

احتياطاً وضو ڪري ونجي
انتظاماً وضو ڪري ونجي
دل کي دل سان ملائڻو آهي
احتراماً وضو ڪري ونجي.

—

اوهان کي جفائن جي آهي جي سڪيا
اسان وٽ وفائن جو اپياس آهي
اوهان وٽ ستم جا نہ کٽنڊڙ خزانا
اسان جي ڪلهن تي سدا ٿياس آهي.

’نقصان‘ واري نثري نظم ۾ خيالن جي گهرائپ ڏسو!

پگهار جا پئسا ڳڻي
سوچيان پيو ٿو
افسوس!
مهيني جا ٽيهہ ڏينهن
هِن هڪڙي ڏينهن جي انتظار ۾
وڃائي ڇڏيم.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر ڪنواري، ڇوڪريءَ جي اندر
هڪ عورت سُتل هوندي آهي
۽ جڏهن
اُها جاڳندي آهي تہ
ڪنواري ڇوڪري
مري ويندي آهي.

جيئن پابند ۽ آزاد نظم ۾ فرق هجي ٿو، اهڙي طرح آزاد ۽ نثري نظم ۾ بہ فرق آهي. پابند نظم ۾ قافيو، رديف ۽ وزن هوندو آهي. جڏهن تہ آزاد نظم ۾ پابند نظم جي ٽن زيورن مان فقط هڪ زيور يعني 'وزن' هوندو آهي، پوءِ ڀلي ڪنهن سٽ ۾ هڪ لفظ، ڪنهن ۾ ٻہ، تہ ڪنهن ۾ پنج لفظ هجن. ڏسڻو اِهو آهي تہ هر هڪ سٽ تي وزن پورو ٿي، ختم ٿو ٿئي. هوڏانهن آزاد ۽ نثري نظم کي جاچبو تہ نثري نظم مان اها ٽين شيءَ يعني 'وزن' بہ غائب هوندو. مطلب تہ نثري نظم ۾ قافيو رديف ۽ وزن ٽئي استعمال ٿين. هاڻي سوال ٿو اُٿي تہ نثري نظم آهي ڪهڙي صنف؟ ان لاءِ جواب آهي تہ نثر ۾ لکيل اهڙي تحرير، جنهن جي پڙهڻ سان تاثر شاعراڻو پيدا ٿئي، ۽ مجتا طور چئجي تہ اهڙي ٻوليءَ ۽ گهرائپ شاعر ئي پيش ڪري سگهي ٿو ۽ بس.

اسانجا ڪيترا ئي نوجوان شاعر ۽ شاعرائون نثري نظم تي بہ هرويرون آزاد نظم جو ليبل لڳائي ڇڏيندا/ ڇڏينديون آهن. علي اظهار ۾ اِتي ۾ لوڻ برابر کي اوٽايون آهن.

علي اظهار جو هي قطعو پڙهو:

اسانکي نہ ڏي ڏوهہ، تيٽو ئي ناهي
ها، ماکي ڪڏهن ٿوهہ، تيٽو ئي ناهي
سيئي پنهنجا رستا جدا هئا، جدا هن
ڪا ڪائي ڪڏهن لوهہ، تيٽو ئي ناهي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن قطعي جي ٻيءَ سٽ واري قافيي جي ’ٽ‘ تي جيئن تہ بيش آهي، اُن ڪري اهو قافيو ناقص آهي. قافيا ٿيندا: اوهہ، پوهہ، روهہ وغيره. اچو قطعي کي درست ڪريون:

اسانکي نہ ڏي ڏوهہ، ٿيٽو ئي ناهي
ها، ريتيءَ منجهان روه، ٿيٽو ئي ناهي
سيئي پنهنجا رستا جدا هئا، جدا هن
ڪاڪاڻي ڪڏهن لوهہ، ٿيٽو ئي ناهي.

اچو تہ هڪ ٻيو بہ قطعو پڙهون:

جا باعث ٿي ٻڏجي تنهنجي درد جو
خدا جو قسم سا خوشي ڪين گهُرجي
پري سنڌ جيجل! ٿي توکان جيان
آ تنهنجو قسم زندگي ڪين گهرجي.

هن قطعي ۾ ٻي ۽ چوٿينءَ سٽ هڪ ئي ماپي موجب جوڙيون ويون آهن، جي علم عروض جي ’فعولن‘ واري وزن تي ناهيون ويون آهن. اچو تہ تقطيع ڪري ڏسون:

| | | | |
|---|---|---|---|
| خدا جو / | قسم سا / | خوشي ڪينَ / | گهُرجي |
| فعولن | فعولن | فعولن | فعولن |

’فعولن‘ واري ماپي تي تقطيع (Scanning) ڪرڻ سان قطعي جي پهرين ۽ ٽينءَ سٽ جو وزن ڪٽي ٿو.

اچو تہ ٿورڙي دُرستي آڻي، قطعي کي پڙهون:

جا ٻڏجي ٿي باعث تنهنجي بيوسيءَ جو
خدا جو قسم سا خوشي ڪين گهرجي
پري سنڌ جيجل! ٿي توکان جيان مان
آ تنهنجو قسم زندگي ڪين گهُرجي.

ٽينءَ سٽ کي هن طرح بہ پڙهي سگهجي ٿو:

”پري سنڌ جيجل! ٿي توکان جيان، جَي.“


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تقطيع:

جا ٻڄي / ٿي باعث / تنهنجي ٻي / وسئي جو

فعولن فعولن فعولن فعولن

هڪ، هڪ اکر کي گهرائيءَ سان ڏسبو، تہ دُرستيءَ ڪانسواءِ ٻہ حرف علت جي اکرن کي حذف (Omission) ٿو ڪرڻو پوي، جا علم عروض ۾ اجازت آهي، ٻيءَ صورت ۾ ’جا‘ جي جاءِ تي ’ج‘ ٿي جي جاءِ تي ’ٿ‘ ۽ تنهنجي جاءِ تي ’تُنجي‘ هئڻ گهربو هو.

تازو، يوسف سنڌيءَ ڪينجهر اوارڊس تقريب جي موقعي تي جڏهن مونکي علي اظهار جو ڪمپوز ٿيل ڪلام ’اِجايل آبشار‘ ڏنو تہ مان ٻہ-چار ستون مهاڳ جون لکي ڪيس ’دڙي‘ روانو ڪيان تہ مونکي تنوير عباسيءَ سان ملندڙ جلندڙ موتي پرڪاش ياد اچي ويو هو، جنهن ڪجهہ سال اڳ اکين سان پنڌ ڪري، وڃي پنهنجي جنم-ڀوميءَ کي پيتيو هو. اها ئي تہ اصل تپسيا ۽ پرستش آهي. هيءَ ڪتاب جيئن تہ يوسف سنڌيءَ جي رفاقت ۾ ڇپجي رهيو آهي ۽ شاعريءَ ٻہ شهتوتن جي باغ پرسان، ميٺديءَ جا ٻوٽا ٿي لڳي، اُن ڪري ڪتاب جي سٺي موٽ ملڻ جي آس آهي. شاعر جي ادبي واقفيت يعني ’علي اظهار‘ ۽ ڪتاب جو نالو ’اِجايل آبشار‘ ۾ بہ چا تہ جمالياتي سونهن (Aesthetic beauty) آهي!

**تاجل بيوس**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## بابا جي راءِ

### نورچشم علي اظهار جي شعرن بابت فقط ايترو چوندس تہ

پين بہ چڱا چٽيا پر وريل چٽيا واهہ

سندس شعر مان محبت، پيار هيڪڙائي دوستي حب الوطني عبرت ۽ بصيرت جهڙن خوشبودار گلن جي خوشبوءِ سان پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙ جو دماغ معطر ٿيو وڃي، ۽ عشق مجازي ۽ حقيقي جي ڇٽنگن جا اثر بہ دل ۾ اثرانداز ٿي ٿا وڃن.

ها! سندس شعر ۾ ڪٿي ڪٿي ڪي اوڻايون بہ آهن. پر سندس بہ، ويهہ ٻاويهہ سالن ۽ شاگرديءَ جو دؤر آهي انهيءَ دؤر ۾ اُهي اوڻايون ڪين جي برابر آهن. اڳتي هلي اُهي بہ انشا الله مِتجي وينديون ۽ سندس محنت ۽ شوق جو ٻيڙو وڃي پار پوندو.

عطر آنست کہ خود ببوید
نہ آنکہ عطار بگو يد

مان فقط ايترو چوند تہ

ايــن نـامہءِ آصيرا، ناخانده مَکُن پارا
بيچاره رقم کردست ازخونِ جگر چيزے.

يعني هن آسيءَ جي لکٽيءَ کي سواءِ پڙهڻ ۽ (غور فکر جي) (ٿاڙي) ٽڪرا ڪري نہ ڇڏ. ويچاري پنهنجي جگر جي خون سان ڪا سوڪڙي لکي آ.

والسلام

حڪيم غلام محمد "عرشي"
پريا شهر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان ڳالهه کي تمام گهڻو وقت ٿيو آهي. اول ته مون کي ٻه خبر ڪونه هئي، پوءِ جڏهن سوچ جا ڏند ڦٽيا ۽ پنهنجي سامهون وارن سيني شين کي انهن ڏندن سان ڪرٽڻ لڳس. ته پنهنجي خانداني ڊائري جنهن ۾ مون کان اڳ وارن پنهنجن ذي روحن جي جمڻ پرڻجڻ ۽ مرڻ جون تاريخون لکيل هيون، ۾ پڙهيو ته مان چوڏهين آگسٽ اٺويهه سؤ ايڪهتر ۾ ڄائو هئس. شروعاتي تعليم ته پنهنجي شهر ٻريا سٽيءَ ۾ حاصل ڪئي، پر ان کان ٻه اڳي واري تعليم جنهن جا سبق امڙ جي ٻوچڪارن چمين ۽ لولين جي صورت ۾ ملندا آهن، پنهنجي ماءُ جي هنج واري ڪلاس روم ۾ ورتي، ليٽي ۽ ٻبڙيو ڏائيندي ٻڌا ۽ سمجهيا هئم. فرسٽ ييئر ۽ انٽر گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ڪنڊيارو منجهان پاس ڪري، ڏاڍو چاهيم ته ڊاڪٽر ٿي مسيحائي ڪريان، پر شايد قدرت ائين نه پئي چاهيو ۽ پوءِ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام جي مان ٻري مٽيءَ ۾ پناهه ورتم.

بحيثيت شاعر، ننڍي هوندي کان ئي اڪيلائي پسند ۽ ماٺيڻو هئس. ننڍي هوندي کان ئي گل، پوپٽ رنگ، روشنيون ۽ ڇوڪريون ڏاڍيون وڻنديون هيون ۽ سچ ته اِهو آهي ته راند جي ميدان ۾ جيترو سست هئس. گرلز پرائمري اسڪول ۾ پنهنجي شرارتي دوستن سان ننڍي هوندي جون معصوم محبتون ڪرڻ ۾ اوترو ئي اڳڀرو هئس . مون کي ياد ٿو پئي هڪ ڀيري گهران سڄو سارو روپيو خرچي مليو هئي، انهن ڏينهن ۾ ٻه روپيو اسان لاءِ وڏي خرچي هئي. ان خوشيءَ ۾ سوچيم ته گهر وارن لاءِ بوڙيندا وٺي ٿو وڃان. انهن ڏينهن ۾ بوڙيندا ڏاڍا وڏا هوندا هئا ۽ منهنجا هٿ تمام پتڪڙا هوندا هئا. روپئي جا بوڙيندا تمام گهڻا مليا هئا، ايترا گهڻا جو اهي منهنجي هٿن منجهان ڪرڻ تي هئا. بس ڪريا پئي ته ڪنهن پنهنجي جهولي ٻڌاري. منهنجي ڪرندڙ بوڙيندڙن کي پناهه ڏني هئي. مون کي ياد ڪونهي ته مون ان ڇوڪريءَ جو شڪريو مڃيو هو يا نه، پر اهو ياد آهي ته اُءُ اُها سڄي

اڄ وري ٻيهر پراڻا واسطا جاڳي پيا،
پيار محبت جا سمورا سلسلا جاڳي پيا.

منهنجي نيڻن ۾ صديون کان خواب هئاجيڪي سُتل،
تنهنجي آئي سي سمورا سانورا جاڳي پيا.

ننڊ هئي ساقيءَ کي ۽ ٻي خواب هئا مئخوار سڀ،
هُن نهاريو تنهن گهڙيءَ مٽ مئڪدا جاڳي پيا.

عاشقن جا روح هئا ’اظهار‘، گهري ننڊ ۾،
تنهنجي پيرن جي صدا تي، سڀ سُتا جاڳي پيا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سياسي نعرا پوسٽر ڌمڪيون گاريون.
ديوارن جون ديوارن سان ڳالهيون.

جيون سارو زهر پيالو ڪوڙو.
بيزارن جون بيزارن سان ڳالهيون.

درد مليا هِن ڪانہ دوا ڪا يارو.
بيمارن جون بيمارن سان ڳالهيون.

پيارڙيان تو موت ۾ پيار ئي گهرجي.
واپارِن جون واپارِن سان ڳالهيون.

چورن سان گڏ بابو ماريو ويندو.
اڄ ڪلهہ ٻارن جون ٻارن سان ڳالهيون.
قوم مارائي ڪرسي وٺبي آخر!
غدارن جون غدارن سان ڳالهيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳــجي ويا سين يار تنهنجي شـــهــر ۾.
ڇا نـہ ٿــيــو دلدار تنهنجي شـــهـــر ۾.

بت هئـا پٿـرن جا ڏس پيــو ڇا هئـو؟
ڇا هئـو اي پيـار...؟ تنهنجي شـهـر ۾.

ســـال ٿـي ويا ڪو بہ آيو نـاهہ هت،
اي درو ديوار تـنـهـنجي شـــهـــر ۾.

تو شـــهـــر جا سڀ واسي وائڙا،
هڪ ٻئي ڪـان ڏار تنهنجي شــهــر ۾.

ڪيــر تنهنجي شـــهــر ۾ ايندو وري،
پيـار مـحـبت گـار، تنهنجي شـهـر ۾.

هي شـهـر سارو مـســيـحـائن جو هو،
چو مـئـو بيـمـار تنهنجي شـــهـر ۾.

چوڪ تي گـهـر ۽ گـهـٽيءَ ۾ ڪوڙ جي،
ٿي ٿـــئي پرچار تـنـهـنجي شـــهـــر ۾.

تنهنجو سِرُ آ نـہ تـہ رکـيــو ڇا هي پـلا،
او! علي اظهـــار تـنـهـنجي شـــهـــر ۾.

●



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مـــــان اونـدهـ تـون تارن وانـگـي.
شــــاعــــــر جي ويچارن وانـگـي.

تنهنجي نيـڻن ڏي تـو تڪـيـان،
آءُ اجان ويـــــچارن وانـــــگــــي.

پيـــار مـــحـــبت ڪين اچل ڙي،
رديءَ جي اخبــــــــارن وانـگـي.

منهنجا گـــونگا گـــونگا جذبا،
مـنـدر جي مــــــــينارن وانـگـي.

مـــيـــرو هان پر نج ڪـــرو هان،
ٿــــر جي گــــدلن ٻارن وانـگي.

تـوبن جانـي آءُ جيــــان ٿــــو،
ڪينســـــر جي بيـــمـــارن وانگي.

جنـــگ بـــنـــا جذبـــن جي آ چڻ،
ڪٺ لـڳل هـتـــيـــارن وانـگي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنسار، تنهنجي اوسيئڙي ۾،
مان ڌار، تنهنجي اوسيئڙي ۾.

ديوانا ڪيترا نہ آهن،
اي پيار، تنهنجي اوسيئڙي ۾.

صدين کان مسيحا آهن،
بيمار، تنهنجي اوسيئڙي ۾.

اڄ آءُ هلي آزادي،
سڀ يار تنهنجي اوسيئڙي ۾.

پڪ چاڻ تہ ڪٿ ڪا آهي،
گلنار تنهنجي اوسيئڙي ۾.

ڏک درد ٿين دنيا جا،
اي يار تنهنجي اوسيئڙي ۾.

وڃ گهر سيئي آهن،
اظهار، تنهنجي اوسيئڙي ۾.

●



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مــــــــون وٽ بس انـڌيـارا آهـن.
تـو وٽ سپ ســــــتـــــارا آهـن.

تنهنجا نيڻ نشـــيــــلا ســـائڻ،
ڳالهــــيـــــون امـــــرت ڌارا آهـن.

مـــــون وٽ بس هڪ پيـــــڙي آهي،
تـــو وٽ ســــپ ڪـــنـــارا آهـــن.

قـــــــرباني ڏس ڪـنهـن ڏني آ،
ســــــيـني وٽ بس نـعـــــرا آهن.

ڪيـــسين هلندو رهندين هيـــڪل،
ڪنڌا رســــتـــــا ســـــارا آهن.

ســــاقي تنهنجي هوندي ســـوندي،
مـــحـــــفل منجهـــــــ اُجارا آهن.

ٻـــــجي دوست هٿن تـــــا خنجر،
مـــــــاٺهـــــــون اندر ڪارا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سـراپا انـتـظـار ٿـي وياسين.
هاءِ بي اختيـار ٿي وياسين.

پيـار جي مـسـئلن کـان اڳ ۾ ئي،
مـسـئلن جو شـکـار ٿي وياسين.

چاهيـوسين تہ يار ٿـيـون تنهنجا،
دشـمـنن ۾ شـمـار ٿي وياسين.

منتظر آ جڳن کـان جيـکـو سـو،
کنهن جي گـهـر جو دوار ٿي وياسين.

زندگي گـذ جي گـذارڻي هئي پر،
هاءِ افـسـوس ڏار ٿي وياسين.

بوند هئاسين اسـان تہ پاڻيءَ جي،
تـو مـلـئين آبشـار ٿـي ويـاسين.

کـهـڙي غلطي پـڌائجي جانـي،
بس تـوهان تان نـثـار ٿـي ويـاسين.

●



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روز گهٽجي ٿي پئي هيءَ مستقل،
زندگي ڀي ريزگاري ٿي لڳي.

منهنجي گهر کان تنهنجي گهر جو فاصلو،
مون کي منهنجي عمر ساري ٿي لڳي.

ڪيئن ڏيان ڪنهن کي ڏيان ۽ ڇو ڏيان،
هر خوشي مون کي اڌاري ٿي لڳي.

سازشون ۽ وحشتون ۽ نفرتون،
سوچ زيرِ تابڪاري ٿي لڳي.

ونڊڪٽ واڌو ۽ ضربيان کان وڌيڪ،
شاعري مون کي پياري ٿي لڳي.

تنهنجي منهنجي وچ ۾ اوا سانوري،
وقت ڀي ڄڻ چؤديواري ٿي لڳي.

●



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گل سرهاڻ ۾ يار ڇاهي رکيو.
چنڊ چانڊاڻ ۾يار ڇاهي رکيو.

جو بہ ڪجهہ آهي تنهنجي ئي نيڻن ۾ آ،
سون جي ڪاڻ ۾ يار ڇاهي رکيو.

تاڻ ڇاتيءَ جي تنهنجي ڏني اٿئون ۽ بس،
تير جي تاڻ ۾ يار ڇاهي رکيو.

علم آهي عمل ساڻ ڪارائتو،
بس ٿلهو ڇاڻ ۾ يار ڇاهي رکيو.

امن ۽ شانتي روح جون منزلون،
ڇئہ رتوڇاڻ ۾ يار ڇاهي رکيو.

روح تلوار آ جنگ جيوت جي لئہ،
جسم جي مياڻ ۾ يار ڇاهي رکيو.

زندگيءَ جو مزو ڪجهہ ڏيڻ ۾ بہ آ،
آڻ ئي آڻ ۾ يار ڇاهي رکيو.

پاڻ سان گڏ ڇئي لاءِ ڀي سوچجي،
بس رکو پاڻ ۾ يار ڇاهي رکيو.

●



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهـــــــ زاري اهـــــــا وري ڇاجي.
بيـــــــقـــــــراري اهـا وري ڇاجي.

هـــو تـــ ذئـــي آخري جواب ويـــو،
انـــتـــظـــاري اهـــا وري ڇاجي.

مـــئـــ تـہ تو ڪونہ پيـــتي آهي پوءِ،
ڇئـــــ خمـــــاري اهـا وري ڇاجي.

پيـــار آ شـــڪـــريو نہ رنجش ڪا،
* ويـري ســـــــاري اهـا وري ڇا جي.

دل ذئـي ڪونہ آ ڪبـــــــو ليڪو،
وار واري اهـــــــــــا وري ڇاجي.

●

* Very Sorry



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيئن وڏن هي سلسلو،
نظر نظر ۾ فاصلو.

توهانجي دل ڳي ڏسي،
وڏن پيا ٿا حوصلا.

ها ڏکيا اٿئي سچي،
پريت جا هي معاملا.

رات ڪنهن چيو پئي،
مري نٿي سگهي ڪلا.

وسارجي پيا ڪيئن،
تنهنجي اُها "ائتي الا".

تون ملئين اٿي پيا،
پيار جوش ولولا.

اوهانجو گهر منهنجي ڳلي،
مفاصلو مفاصلو.

•



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زنـدگـيءَ جي نـويـد آهـين تـون.
ها! بنا چنڊ عـيـد آهين تون.
تـو سـوا زنـدگـي اڌوري آ،
جو ضـرورت شـديد آهين تـون.

•

هڪ تہ واعـدو ڪڏهن ڪندا ناهيـون.
جي ڪيـون ٿـا تہ پوءِ نيـايون ٿـا.
جي اسـان سـان ڪندؤ جدائي پوءِ،
ها! مـري ويندا سين پڄايون ٿـا.

•

دوسـتيءَ جو نانءُ ڪو وٺندو، نہ ڪڏ.
دل لڳيءَ جو نانءُ ڪو وٺندو، نہ ڪڏ.
اهڙو بدلو تو وفـا جـو آ ڏنـو،
عـاشـقيءَ جو نانءُ ڪو وٺندو نہ ڪڏ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

الا! ڇو اسان کان ڪنارو ڪري وئين.
محبت کان مايا کي پيارو ڪري وئين.
هٽي داغ دل تي جدائي جو جاني،
جواني اسانجيءَ کي ڪارو ڪري وئين.

•

تو جهي ساڻوري جي ڳولا آ.
ها! مون کي چانوري جي ڳولا آ.
جو وسي دل جي ٿوٽ ڌرتيءَ تي،
ڪنهن ککر بانوري جي ڳولا آ.

•

چنڊ تارا ٻه شاهدي ڏيندا.
پيار وارا ٻه شاهدي ڏيندا.
ڪانه نڪتي ڪا دانهن ٻڌندي ڪا،
ها! ڪنارا ٻه شاهدي ڏيندا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪونہ صحرا، نہ جَل گهرون ٿا پيا.
بڪ غربت جو حل گهرون ٿا پيا.
پل نہ گڏ زندگي سڄي هل تون،
پيار جو هڪڙو پل گهرون ٿا پيا.

•

هجر جي هنج ۾ ويهي ملهايان جشن يادن سان،
اُتي ڏاڍو ستائن ٿا، وصالن کي تہ سمجهايو.
اچي ساقي سَر محفل تہ پوءِ اظهار هي چوندس،
پيئڻ کان اڳئي ڇلڪن ٿا، پيالن کي تہ سمجهايو.

•

هر طرف پيلا ڳاڙها گل آهن.
آءُ، آيو آ پيار جو موسم.
هيڏي هوڏي مان توکي ڳوليان ٿو،
آهي چڻ انتظار جو موسم.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ هندو، نہ ڪافر مسلمان سڏجو.
جي سڏجڻ ٿا چاهيو تہ انسان سڏجو.
ـہ آهي هر ڌرم دين ڌرتي اسانجي،
ها! ڌرتيءَ جا پنهنجي نگهبان سڏجو.

•

هڪ نظر سان ئي دل ڪٽي ويو آن.
اهڙو تيرِ نظر هٽي ويو آن.
روز توکي ڏسون ٿا خوابن ۾،
جو اسان کي صنم وٽي ويو آن.

•

احتياطاً وضو ڪري وڃجي.
انتظاماً وضو ڪري وڃجي.
دل کي دل سان ملائڻو آهي،
احتراماً وضو ڪري وڃجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اســـان لاءِ ڏڪارن جا ڏهڪـــاءَ آهن.
توهان تي بهـــــارن جا بـوڇاڙ آهي.
توهان لاءِ خدا جي تہ رحمت ئي رحمت،
اســـان لاءِ ســـدائين هو قـــهـــار آهي.

•

توســـاڻ تـــو لڳي هر منظر نئـــون نئـــون.
دريون بہ چڻ نيـون هِن آ در نئـون نئـون.
توڙي آهي پراڻو، سالن کان رهان پيو ٿو،
پوءِ چو پيلا لڳي تـو اڄ گهـر نئون نئـون.

•

وفـــائون وفـــائن کي ڳولي لهن ٿـــيـــون.
جفـــائون جفـــائن کي ڳولي لهن ٿـــيـــون.
پـنهـنجو هي ملڻ ڳالهـــــــــ جي ثابتي آ،
دعـــائون دعـــائن کي ڳولي لهن ٿـــيـــون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لوڙ ڦـــٽن تي ڀرڪين پيـــو ٿـــو.
خون اســـانجو ســـرڪين پيـــو ٿـــو.
مـــحـــفل ۾ جو بيگـانـن ســـان،
هلڪـيـون مـرڪون مرڪين پيـو ٿـو.

•

اسـان کي نہ ڏي ڏوهہ، ٿـيـٽـو ئي ناهي.
ها! مـاکي ڪڏهن توهہ، ٿـيـٽـو ئي ناهي.
سيـئي پنهنجا رسـتـا جدا هـئـا، جدا هِن،
ڪا ڪاڻي ڪڏهن لوهہ، ٿـيـٽـو ئي ناهي.

•

ڪڏهن ڪو تہ ورسي اســـانجي اڱڻ تي.
ڪو جذبو تہ جرسي، اســـانجي اڱڻ تي.
ڳليءَ مـان لنگهن ٿـيـون ڪئين سُندريون!
ڪڏهن ڪا تہ ترسي اســـانجي اڱڻ تي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زمين عــشق ۾ آســمــان عـــشق ۾ آ.
هتي هر ٻڍو ۽ جوان عـــــشق ۾ آ.
ٽڙن هر نظر ۾ ســـوين گل گـــلابي،
ڪيڏو نہ پيــارو سـمــان عـشق ۾ آ.

•

جا باعث ٿي ٻڻـــجي تنهنجي درد جو،
خدا جو قــسم سا خوشي ڪين گـهـرجي.
پري سنڌ جيــجل ٿي توڪـــان جيـــان،
آ تنهنجو قـــسم زندگي ڪين گـــهـرجي.

•

اوهان کي جفـــائن جي آهي جي سـکيـــا،
اســـان وٽ وفـــائن جو، اپـيـــاس آهي.
اوهان وٽ ســـتــم جا، نہ کـــتندڙ خزانا،
اســـان جي ڪلهن تي ســدا ٿياس آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوھان جو سراپا حسن دلڪشي آ.
چپن تي بہ چڻ مڌ سندي تازگي آھي.
اسان کي خدارا شرابي نہ چئجو،
اسان کي اوھانجي ڏنل بي خودي آ.

●

محبت غلاميءَ جو نالو نہ آ،
محبت ٿي انسان کي حوصلو ڏئي.
محبت تہ مشڪل ڪُشا آھي يارو،
جا ڪمزور کي شينھن جو حوصلو ڏئي.

●

اسان کي نہ سيرت نہ صورت ٿي گھرجي.
نہ ڏوڪر نہ پئسو نہ شھرت ٿي گھرجي.
چيو آھي پي ايم ●کي، سي ايم●* اسانجي،
ڪمي عزتن جي آ، عزت ٿي گھرجي.

* چيف منسٽر ڄام صادق جي ھڪ بيان "اسانکي رڳو عزت گھرجي" تي لکيل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي سيئي سور سهڻ چاٿون ٿا.
حق پنهنجا به وٺڻ چاٿون ٿا.
اي زماني جا غاصبو پڌجو،
ها! بغاوت به ڪرڻ چاٿون ٿا.

•

اي يار تنهنجي پيار [illegible]بت جو شڪريو.
تنهنجي ئي ڏنل غم و مصيبت جو شڪري.
واقف ڪيو اسان کي غم زندگيءَ کان تو،
هر ساهه تو پڪاري عنايت جو شڪريو.

•

[illegible]الم شوق انتظاري آ.
[illegible] [illegible]ين بي قراري آ.
تون [illegible] منهنجو ڪجهه بي ناهه،
ٿ[illegible]و [illegible]گي زند[illegible] ڪي اڌاري آ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خدا گواهہ محبت کان منهن نہ موڙيو تئون.
سدائين پيار محبت جو علم کوڙيو تئون.
اسان توهان لاءِ چئو ٻيو ڪري ٻہ چا ٿا سگهون،
توهانجو ٻيڙو تئون تاريو ۽ پاڻ ٻوڙيو تئون.

●

منهنجو، هر هر رات اوهانجي نالي.
سڀ دعائون ۽ مناجات اوهانجي نالي.
دل جا اختيار تہ اڳ ۾ ئي اوهان وٽ آهن،
جان جي ٿو کيان سوغات اوهانجي نالي.

●

توهانجو ستم تي ستم ٿا ڏسون.
محبت جو پنهنجي ڀرم ٿا ڏسون.
توهان کي ڏسون ٿا تہ پوءِ اي صنم،
نہ مسجد نہ مندر، حرم ٿا ڏسون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محبتن جا فسانا، چئون تہ ڪنهن کي چئون.
ويا جي ڏينهن سهانا، چئون تہ ڪنهنکي چئون.
اسان کان کهڙا نہ پيارا پرين، ڪسي ورتئي،
ٻڌاءِ تون اي زمانا، چئون تہ ڪنهن کي چئون.

•

حقيقتون نہ لڪايو، ڏسو نہ ڳالهہ متيو.
اسانجو ڏوهہ ٻڌايو، ڏسو نہ ڳالهہ متيو.
يا پنهنجي بزم مان سيئي رقيب تڙيو، يا،
اسان کان بزم ڇڏايو، ڏسو نہ ڳالهہ متيو.

•

نئون آهي جوڀن نئون آ بهار.
مهربان ٿيو آ، اسان تي پيار.
وري آ وريو، مئہ ڪشيءَ جو زمانو،
وري ڪا تہ سُرڪي اکين سان پيار.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نظر کي نظر سان ملايون اچون ٿا.
وزن کي بحر سان ملايون اچون ٿا.
توهانجون جفائون ۽ پنهنجي محبت،
قهر کي مهر سان ملايون اچون ٿا.

•

خماريل اکيون يار کٽندو نه کر تون.
نظر سان ائين تير هٽندو نه کر تون.
وٽي کا نه دنيا جي کا شيءِ اسانکي،
اسان کي اوا ايذو به وٽندو نه کر تون.

•

نه در کي نه دريءَ کي نه ديوار کي ڏسبو.
ڏسبو ته فقط يار کي بس يار کي ڏسبو.
ماڻهن جا ستم کوڙا قسم واعدا خلافيون،
ڪنهن شيءِ کي نه ڏسبو، هاافقط پيار کي ڏسبو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دل جون ڳالھيون دل ۾ سانڍڻ چاھيم پر ڇا ڪيان،
شعر بڻجي لفظ منھنجي وات مان ڇڻجي ويا.
ياد تنھنجيءَ کي ڀلائڻ چاھيم پر سانورا،
لئه سدائين نقش تنھنجي ياد جا رھجي ويا.

•

جانِ وفا رھيو، نه ئي عھدِ وفا رھيو.
ھو شخص، جي رھيو آ ته بس بي وفا رھيو.
ساھن جو ڏئي صدقو پوڄا ٿي ڪيم جنھن جي،
افسوس! سو ستمگر مون کان خفا رھيو

•

دين کوات گڏھ ته ناھي جو،
زندگيءَ کي انھيءَ تي ڍوئين ٿو.
آھي قرآن ھدايت جي لاءِ،
ان جا مُلان! ڇو ھار پوئين ٿو؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ستارا ڳالهيون ڪن ٿا.
پيارا ڳالهيون ڪن ٿا.
ٻڏو ڪيڏي دليريءَ سان،
ڪنارا ڳالهيون ڪن ٿا.

•

نگاهہِ نازِ ڪي پنهنجي جهلي ڇڏ.
عجب انداز ڪي پنهنجي جهلي ڇڏ.
اسان جي دل، ڪڏي جهٽ جهڙپ ۾ ٿو،
اکين جي باز ڪي پنهنجي جهلي ڇڏ.

•

ڏاڍي سندر اهين ليڪن،
پيار ڪرڻ جو ڏانءُ نہ ٿئي.
گوشت پوشت جو سينو ٿئي پر،
سيني ۾ ڪو هانءُ نہ ٿئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چنڊ چانڊاڻ کـــان جدا ٿــــو ڪرين.
مـون کي تون پاڻ کـان جدا ٿـو ڪرين.
تـوســـــــان ملزوم ۽ لازم آهيـــــــان،
ذهن کي چاڻ کـــان جدا ٿـــــو ڪرين.

•

جيـــڪـــــو اڄ قـــوم جو دشـــمن آهي،
ان کي غمـــــخار هئڻ ڪـــــپندو هو.
هاءِ! ســـيـــاست ۾ اڇي ڪاٿـــو آ،
هـو اداڪار هـئـڻ ڪـــــــــپندو هـو.

•

دل نئين آ چوٽ ڪــــاڏي، ڇا ڪيـــان؟
دردِ دل ۾ آهيـان ڪـاٿـو، ٿـورو بيهـ.
ســهـپ ڪنهن ۾ئي زخم جي، آهي يا نـ،
بيهـ مان لايان ڪو ڪاٿو، ٿورو بيهـ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مضطرب منظر لڳي ٿو، تو سوا.
باغ ۾ چن بر لڳي ٿو، تو سوا.
پنهنجي گهر جو گهٽ ويو وسري آ ڇڻ،
اوپرو گهرُ درُ لڳي ٿو، تو سوا.

●

هر نفس بي قرار محفل ۾.
ساهه آ، دل تي بار محفل ۾.
آءُ اي سانوري! ڀي دير نه ڪر،
آ تنهنجو انتظار محفل ۾.

●

خوشيءَ ۾ توهانجي، اسان خوش گذاريون.
توهانجي غمن ۾ ئي غمگين آهيون.
توهان ئي اسان جا ڌرم دين آهيو،
توهان جي نه آهيو، ته بي دين آهيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان تہ تنهنجا پڄاري، ٻنان ٻنيان آهيون،
جتي تون ٻيهي رهين، ٻت ڪڏهن ڀي پوندو،
نہ مٺ خوار نہ مٺ [illegible] سماڻي
اکيون ٿي ڪول. اتي مٺ ڪڏه نهي پوندو.

●

عـــاشـــقن جي امـــيـــد آهين تون،
تـو ۾ نـظرون پـي ديـد ڪـهـــــڙي آ.
تـون جي آهين تـہ عـــيـــد آ هـر روز،
تـو سـوا عـيـد عـيـد ڪـهـڙي آ.

●

آهـہ زاريءَ ۾ رات گـــــــذري وئـي.
بـيـــقـــراريءَ ۾ رات گـــذري وئـي.
ڪـونـہ اچڻـــو هـئين نـہ آئين تـون.
انـتـظـاريءَ ۾ رات گـــــذري وئـي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيار واري شهر جون، ڳالهيون ڪجن.
بس اکين جي سحر جون، ڳالهيون ڪجن.
ڇو وڇوڙي جا صنم صدما سهون؟
گڏ گذاريل پهر جون ڳالهيون ڪجن.

●

ڪيچليون اکيون ڪٽي مون ڏي نہ ڏس،
دل جي دنيا ۾ مچي طوفان تو.
تا ٿُتن منهنجا سڀئي روزا وضو،
بي ايمان ٿي پئي، منهنجو ايمان تو.

●

چاهتين جا سلسلا وڌندا رهيا.
دلبرن جا حوصلا وڌندا رهيا.
رندڪون ڪئين پيار ۾ ماڻهن وڌيون،
پيار جا تہ بہ قافلا وڌندا رهيا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مـان هئس ۽ تون هئين راتيـون هيـون.
ميث محـبت پيـار جون باتيون هيون.
موت ڪان پوءِ ٻي تنهنجو دَرُ ٿيون تڪن،
مون تولاء ٻاتيون جيڪي جهاتيون هيون.

●

روشـنـين ڪـي روشـنـي بـخشـي ڇڏي.
پٿـــرن ڪي بندگي بخشي ڇڏي.
يار پنهنجا حـــال بس اهي اٿـــوَ،
رهزنـن ڪي رهبـــري بـخشي ڇڏي.

●

زهر اوتيـــو زندگيءَ مـــان پي ويس.
تو چيـو جيئن ٿيءَ مـان تيئن ٿي ويس.
ڇي مـرڻ ناهي تـہ ٻيـو ڇاهي مـنـا؟
مـوت جهـڙي زندگيءَ کي جي ويس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سـوچ جا سڀ سلسـلا ٽوڙي وڃن.
عـشق جا سڀ قـافـلا ٽو ڙي وڃن.
ٻوءِ ٻہ چو اي سندري! اي سـانوري!
زندگيءَ جا فـاصـلا ٽو ڙي وڃن؟

•

پيـار جي لاءِ ٺـاهي وئي دنيـا،
تون ٻہ دل ۾ پيـار پيـدا ڪر.
هر شيءِ پاڻهي حـسين ٿي ويندي،
تون نظر ۾ نکار پيـدا ڪر.

•

رستن ڪي حـيـراني آخر ڇاجي آ؟
نيـڻن ۾ ويراني آخر ڇا جي آ؟
تنهنجو هُس مان اڄ ٻہ تنهنجو آهيان،
جانـي بـي ايمـانـي آخر ڇاجي آ؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڪيون ڪُليل رکجو هُن کي اچڻو آ.
نظرون مليل رکجو هُن کي اچڻو آ.
اوسيئڙي جو ديپ متان ڪو اجهائي،
دريون کليل رکجو هُن کي اچڻو آ.

ڪوڙ سارا پن سڪل اڏريا مگر،
واءُ جي جهوٽي چيو هليا وڃو.
مون بہ پنهنجي زندگيءَ جو سوال ڪيو،
هُن اکيون پوٽي چيو هليا وڃو.

حذبا جهيڻا جهيڻا ڇا لئہ؟
پنهنجا حال وهيڻا ڇا لئہ؟
خوشيون هڪ پيرو بي ناهن،
درد ڏيهاڙي پيڻا ڇا لئہ؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪابہ اميد ڪابہ آس نہ آ.
شهر ۾ ڪو بہ اڄ اداس نہ آ.
تون تہ آهين مگر اُها ناهين،
اڄ نظر ڪابہ بدحواس نہ آ.

●

نيڻن ۾ ويراني ادري آئي
جهري سي حيراني اڌري آئي.
ڪورو قصو اهي يار تہ بڪ لڳي؛
ڪنهن پاسي کان ماني اڌري آئي.

●

هِن نظر ۾ پيهي وئي، هُن نظر جي ويراني.
هن ڀيري ئي آ. ڇا قهر جي ويراني.
در گهٽيون ڳليون اي دوست، ڪيتريون ٻسيون آهن،
آءُ ڏس تہ ڪيڏي آ، اڄ شهر جي ويراني.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زندگي درد جي گفا آهي.
ڪجهه وفا آهي ڪجهه جفا آهي.

هو ته پئي واءُ لوڏيو پردو،
مون ٿي سمجهيو تنهنجي صدا آهي.

جڻ متي روپ تو اچي سامهون،
زندگي موت جي ادا آهي.

دل ته ان ڳالهه کي مڃي ئي نٿي،
سڀ چون ٿا هو بي وفا آهي.

هوءَ سيني تي اڄ ته آهي ستل،
توڙي اڄ ڪلهه مون کان جدا آهي.

ڪونه مرڻي آ پرتويءَ تي جا،
سا ڪلاڪار جي ڪلا آهي.

سڀ ڏسائون گهمي ڏٺيون آهن،
هر ڏسا ۾ مليو خدا آهي.

شاعري ائين رسي ويئي آ،
جڻ ته ڪا سانوري خفا آهي.

تنهنجي گهر کان پوءِ ڪيترا گهر هن،
منهنجي گهر کان پوءِ هڪ خلا آهي.

•



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محبتون بي پناهه.
چاهتون بي پناهه.

حسن ساڻ عشق جون،
حجتون بي پناهه.

فرقتن ۾ وصل جون،
لذتون بي پناهه.

آخري وقت ڇو؟
خواهشون بي پناهه.

ٿورڙو ڏيان ڏي،
نعمتون بي پناهه.

تنهنجا نيڻ منهنجي لئه،
دعوتون بي پناهه.

بس ملئين ڇڻ ڏنئي،
عزتون بي پناهه.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن کي ڪنهن تي پيار ڪيئن اچي؟
حسن کي اعتبار ڪيئن اچي؟

ڪيڏا نظرن جا ڪوٽ اوچا هِن،
هُن جي نيڻن نهار ڪيئن اچي.

آهي ٿي ڪونہ پوءِ چنڊ منجهان،
ڪوئي گهوڙي سوار ڪيئن اچي.

هوءَ جي ايندي تہ آءٌ ٻي ايندس،
روح کان جسم ڌار ڪيئن اچي.

آهي مختيار پاڻ خود مالڪ،
مون کي پوءِ اختيار ڪيئن اچي.

منتظر رهہ تہ يار ڇاڻين تون،
موت تو بار بار ڪيئن اچي.

●



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زندگي جڻ عـــذاب ٿي ويندي.
هوءَ ڇوڪر جي خواب ٿي ويندي.

تورڙو ڏي مڇڻ تہ محفل کي،
هر نظر پوءِ شراب ٿي ويندي.

وقت ايندو کو تو اڳيان اي دل،
سونهن ساري سراب ٿي ويندي.

آ سرن تي جهان قائم آ،
جا ڪلي آ، گلاب ٿي ويندي.

●



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شام جا ڇيو هئو؟
تو به ڪجهه پڙو هيو؟

ڪنهن ڏسي ڏنو ڪلي،
ڪو پڏي رنو هيو.

پنهنجي نانءُ ڪيئن ٻچي،
ويري، ناڪئو هيو.

مان گهٽو رنس رڙيس،
وقت بي ڇيو هيو.

هُن جا نيڻ ڇڻ نئون،
ڪوئي فلسفو هيو.

توڪان پئي وفا گهرئين،
پڪ ڪو ڇريو هيو.

ڪنهن به ڪونه سوچيو،
دل جو معاملو هيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مـــون ڏنـــو هئـــو هوءَ پري جاڳي پئي.
دل چري ٻيــــهـــــر وري جاڳي پئي.

هُن دري کـــولي جڏهن ٻاهر ڏنـــو،
چڻ تہ ڪا گـــهـــر جي دري جاڳي پئي.

مس تہ آيو صـــبـــر ۽ آرام هئس،
ســـور جاڳيـــا بانســـري جاڳي پئي.

جيئن ئي سج پنهنجو گهونگهٽ کوليو،
ائـــين لـــڳو چڻ زنـــدگـــي جاڳي پـــئـــي.

تـــنهنجي نيــــڻن ۾ الائي ڇا هيـــو،
تو ڏنـــو ۽ شـــاعـــري جاڳي پئي.

●



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عـــــشق اظهــــار جو پيــــو نالو.
پيـــــار آ يار جو پيـــــو نـالـو.

جڻ خوشـين کـي ڇڏيـو اتـن روکـي،
دردَ ديـوار جو پـيــــــو نـالـو.

جو ٻـ آيو وري نـ مـــــوتيـــــو آ،
نـينـهـن کـو دارَ جو پيـــــو نالو.

روز پڙهندي ٿي چرک تـــا نکـــرن،
خوف اخبـــار جو پيـــو نالـو.

●



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نـنـڊ ســــــپنن کي نيـڻ اوجاڳيـل.
ائين تــيــٽـــو هو ڪانہ هئي ڪا ڪَلَ.

مون کي طوفان ڪجهہ ڪري نہ سگهيو،
هاءِ ٻوڙي ڇڏيئـــــ، اڙي ســــاحل.

قـــيـــد ڦـاهيـــون ڪڙي ســزا ٻوءِ ٻي،
عـشق تي ڪيـر وجهي سگهـيـو جهل.

مـون ســان جي پيـار اٿـئي اڄ نہ تہ وڃ،
مـون کي چاهت کـپـي، کـپي نہ کهل.

تـنـهنجو مک تي پوي قـــرآن سـڪي،
منـهـنجا ٻئي هٿ ائين، جيــــئن رهل.

مـــان ســــچو جو ســـچو بدلجي ويس،
نـيـڻ تـنـهـنجا رهيـــــا اُهي نرمل.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## بزم لطيف ڀٽ شاهه طرف طرحي غزل

(طرح - عيد جو چنڊ پي لڳي ٿو اجنبي تو کان سوا.)

پارڙن جيان من تـو تڙپي هر گهڙي توکانسواءِ.
پل نـہ گذريو، ڪيئن گذري زندگي توکانسواءِ.

منهنجي زخمن تي رکين ٿي پيـار جا ڪيـڏا پهـا،
ڪيـر آ پنهنجو مـسـيحـا شـاعـري توکـانسـواءِ.

دل چوي ٿي توکي چمـــجي اي لفـــافـــا يار! اڄ،
ڪيئن پڙهي هان حال دل جو سانوري توکـانسواءِ.

ها مـجيم ڏاڍي ڏکي، ڏاڍي پکي سنگدل آن پر،
ڪونہ آ اي زندگي منهنجي سـري توکـانســواءِ.

مـشـڪلن جا ڪيـترا پيـا هِن ٽٽي مـون تي پهـاڙ،
هن گهڙي پيو ڪير آهي يا علي عہ توکان سواءِ.

سڀ سـتــارا مــاٺ آهن، رات آهي چپ چپـات،
عـيـد جو چنڊ پي لڳي ٿـو اجنبي توکـانســواءِ.

•



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رستن جون اکيون- حيرت ۾ پئجي ويون.

هُن منهنجو نالو ڪنيو،
هُن جون سڀ سکيون، - حيرت ۾ پئجي ويون.

باسون تنهنجي ملڻ لئه،
مون جيڪي باسيون- حيرت ۾ رهجي ويون.

ڪوڙ ڪرو ايڏو هيو،
ڳالهيون سڀ سچيون- حيرت ۾ پئجي ويون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نِيرن نيڻن ۾ - ڪنهن جو نانءُ لکيل هئو؟

ڳاڙهيءَ مينديءَ سان،
پورن هٿن ۾- ڪنهن جو نانءُ لکيل هئو؟

ڪهڙي ڪلهئي،
ايندڙ لمحن ۾- ڪنهن جو نانءُ لکيل هئو؟

جهيشل ميلن،
تنهنجن پلڪُن ۾- ڪنهن جو نانءُ لکيل هئو؟

پڙهي ڇڙڪي پيو،
آيل خطن ۾- ڪنهن جو نانءُ لکيل هئو؟

سمجهي ڪونہ سگهيس،
الجهيل ساهن ۾- ڪنهن جو نانءُ لکيل هئو؟

●



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيار ڪهاڻي هاڻي شايد پوري ڪونہ ٿئي،
خواب نہ هاڻي ڪوبہ ڏسي جو،
خوابن جون تعبيرون هاڻي،
بلڪل الٽيون ٿينديون آهن.
نيڻ نشيلا سندر چهرو وار گهٽائن جهڙا ڪارا،
ڪوبہ پريمي هاڻي شايد ڪونہ چمي سگهندو،
ڏيڻ ڇٽيندڙ سڪ سان هاڻي
ڪونہ سمهي سگهندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## تارا

رات رنس جو تنهنجي لاءِ
ڪجهه ڳوڙهن ڪي چادر جي
هڪڙي ڪنڊ پناهه ڏني.
۽ ڪجهه ڳوڙها
منهنجي وهاڻي جذب ڪيا.
ڪجهه ڳوڙهن کي امرت سمجهي،
ڳيت ڏئي مان پي ڇڏيو.
باقي جيڪي بچيا سي سڀ
”تارا“ ٿي ويا.

•



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(نئين سال جي موقعي تي)

اڄا ٻارنهن ٺيڻ ۾ ڪجهه وقت آهي.
اڄ ته تون ۽ مان
جام ٽڙڪائڻ کان اڳ
ڪجهه لڙڪ لاڙي وٺون.
انهن ڪوتاهين لاءِ
جي اسان کان دانسته يا
نادانسته ٿيون آهن.
پشيمانيءَ جي انهن لاشن کي دفنائيندي
اڄ ڪجهه روئي وٺون
جن سان گڏ
اسان پنهنجي زندگيءَ جون سڀ ساروٽيون
دفن ڪرڻ وارا آهيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توهان سڀ هِن هُل هنگامي ۾
وساري ويٺا آهيو ته
توهان جي جيون جي ڪيسي مان
هڪ سال ڪري پيو آهي.
سياڻي جڏهن،
پنهنجي گهرن جي ديوارن تان
١٩٩٥ جا ڪئلينڊر لاهيندؤ ته
ڇا توهان کي ڏک ڪونہ ٿيندو؟
سڄو سال توهانجي اکين ۾
هِن ڪئلينڊر جا انگ
ننڍ ڪندا رهيا آهن
ها! اڇو،
هڪ دفعو وري گڏجي روئون
۽ پنهنجي پيارن کي
نئين سال جون مبارڪون ڏيڻ کان اڳ
کين اهو بہ ٻڌايو تہ
هاڻي هو جلدي مري ويندا.
موت کين هڪ قدم
وڌيڪ ويجهو اچي ويو آهي.

●



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوءَ جڏهن،
گهنڊ مِٽائي مرڪي
چرڻ تہ ڪرفيوءَ ۾
وقفو ٿي ويو!

●

مون مسجد ۾ دعا گهري،
۽ قبول ٿي وئي.
مون مندر ۾ دعا گهري،
۽ قبول ٿي وئي.
مون ڪليسا ۾ دعا گهري،
۽
اُها بہ قبول ٿي وئي.
پوءِ مون سمجهيو،
دعا قبول ڪندڙ تہ
انهن لفظن ۾ ويٺو هئو،
جيڪي مون
دعا لاءِ چيا هئا....!!

●



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوءَ مون لاءِ
علي عليہ سلام جي قول وانگر آهي
جنهن ڪان پوءِ مان
ڪنهن جو بہ قول دهرائڻ
پسند ڪونہ ڪندس....!

●

هوءَ چانهن پيئندي،
خيالن ئي خيالن ۾
پنهنجي محبوب ڪان چميون وٺندي،
خيالن ئي خيالن ۾
پيٽ سان ٿي پئي هئي.

●



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڏ اڄي اڏ ڪاري پني تي
صحيح وٺي،
منهنجو نانءُ سندس چپن ۾ سبي
ڪيس منهنجي حوالي ڪيو ويو،
۽ هاٿي ماٿون
ڪيس
منهنجي ”زال“ چون.

## پنڌ

منهنجي گهر
۽
منهنجي خانداني،
قبرستان جي وچ ۾
ڪو گهٽو پنڌ
ڪونہ آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## Love to All

روڊ محسوس ڪيو تہ،
سندس مٿان
هڪ ڪار،
ضرورت کان وڌيڪ
تيز هلي رهي آهي.
هوائن جو ساهہ
منجهڻ لڳو
ڇو تہ
اُها ڪار وڌيڪ دونهون ڪڍي رهي هئي،
جنهن تي
Love to All لکيل هئو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## نقصان

پگھار جا پئسا ڳڻي
سوچيان پيو ته،
افسوس!
مهيني جا ٣٠ ڏينهن
هن هڪڙي ڏينهن جي انتظار ۾
وڃائي ڇڏيم.

●

هر ڪنواري ڇوڪريءَ جي اندر،
هڪ عورت سُتل هوندي آهي.
۽ جڏهن
اها عورت جاڳندي آهي ته
ڪنواري ڇوڪري
مري ويندي آهي.....!

●



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## "سار ڪي ڇا ڪجي؟"

بند ڪمري ۾ رهجي.
بند دريون ڪري
در کي تالو هڻي
بلب سيئي اُجهائي
۽ پردا ڪيرائي ڇڏيون.
ها مگر،
سار کي ڇا ڪيون؟
سار جا يار جي پار ڪان ٿي اچي.
ذهن جي در کي هر هر ٿي کڙڪائي ڇئي،
آءُ آئي آهيان.
ڪو سنيهو کڻي آءُ آئي آهيان.
هاڻ ڇئو دوستو!
يار کي ڇا ڪجي؟
سار کي ڇا ڪجي؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## هڪ ڪنسل ٿيل نظم"

عزت ۽ غيرت جا سب
ڪوڪلا نظريا ڦٽي ڪري،
ڪاش توکي
پنهنجي سابقہ محبوبائن جي باري ۾
ٻڌائي سگهان.
۽ توکان تنهنجي سيني
بوائي فرينڊس جا،
مزيدار قصا ٻڌي سگهان!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## هڪ پراسرار ڇوڪريءَ جي وارتا!

هوءَ لپسٽڪ لڳل چپن جون
ڪئين جوڙيون،
پنهنجي چمڙي واري پرس ۾
اسپيئر رکي ٿي.
۽ ڪئنٽين تي چانهن پيئندي
اُهي چپ پنهنجي دوستن ۾ ورهائي ٿي.
هُن وٽ ڪوڙ ساريون اکيون آهن
جيڪي هوءَ
بس ۾ ويٺل ۽ بس کان ٻاهر بيٺل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خوبصورت نوجوانن ڏي اڇلائي ٿي.
بلڪل ائين جيئن مان،
بس ۾ سيٽ رکڻ لاءِ
سيٽ تي ڪتاب اڇلائيندو آهيان.
تنهن هوندي به
هوءَ ڏاڍي غريب آهي.
هُن وٽ سڀ ڪجهه هوندي به ڪجهه ڪونهي.
سندس اکيون
روشني کان خالي
۽ چپ چمين کان وانجهيل آهن.
پوءِ به ممڪن آهي ته،
ڪيس سندس ڪنهن دوست
فئڪلٽيءَ جي پارڪ ۾
ڪنهن گهاٽي وڻ پويان،
ڪا چمي ڏئي ڇڏي هجي.
پر! ڪهڙي خبر ته اُهي چپ هُن
چمڙي واري پرس مان ڪڍيا هئا
يا
سندس اصلي هئا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## لاٽري

دنيا جون سڀ ڇوڪريون،
جيستائين
ڇوڪريون هونديون آهن.
پنهنجي پرس ۾
عاشقن جا خط
۽ (Brazers) باڊين ۾
چاهيندڙن جون دليون رکنديون آهن.
پر
هميشہ ٿينديون ان جون آهن،
جنهن جي
نالي جي
لاٽري ۾ نڪرنديون آهن!!

●



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## نئين زندگي

تون هڪ پل لاءِ مجنون ٿي پئُ
تہ مان توکي ٻڌايان
تہ تنهنجي ليليٰ رانجهي سان گڏ
فائيوَ اسٽار هوٽل ۾
ڊنر ڪائيندي ڏٺي وئي.
گهبراءِ نہ!
ڪجهہ دير ڪانپوءِ
ڪٿان ڪا هير اچي تنهنجي ڪلهي تي هٿ رکندي
۽ تو پنهنجي زندگيءَ جون
نئين سنئين آغاز ڪجانءِ.
هتي زندگي ائين ئي هلندي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آخر تون ڪيستائين
خوشيءَ جي خالي سگريٽن ۾،
ڏک جو چرس ڀري پيئندين.
هڪ دفعو ئي
مصلحت جو زهر کائي
مري ڇو نه ٿو وڃين!

●

دوزخ اڪ پٽي ته
دنيا پنهنجي پيٽ ۾
بارود لاهڻ لڳي.
۽ پيار جڏهن پنهنجا پنک
هوا ۾ لهرائي ٿو
ته سڄي دنيا جا پريمي
پنهنجي پريميڪائن کي،
چمي ڏئي وڃن ٿا.

●



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## "مان ٻہ هڪ"

خواب نيڻن ۾ پيري
ريشمي چولو ڍڪي
پرس ۾ ڪو خط ڪٺي
زلف کي ڏيندي هو جهٽڪا
روز لڏندي ٿي اچي
پنهنجي فئڪلٽيءَ اندر.
ويهي ڪامن روم ۾
بيهي ڪاريڊور ۾
روز ڪنهن نئين شخص سان
ٿي ونڊي هوءَ مسڪراهٽ،
ٽهڪ مرڪن جا گلاب.
۽ پيا سڀ روح اڪيون جسم
اُن کي حسرتن سان ٿا تڪن
۽ انهن ويچارڙن
ڪيترن ماڻهن منجهان
مان ٻہ هڪڙو شخص آهيان!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آءُ جنهن گهر رهان،
ان جي پوڄا ڪيان
مندرن وانگيان
مسجدن وانگيان
اُن جي عزت جي لئہ
اُنُ جي حرمت جي لئہ
مان جيان مان مَران
منهنجي ڌرتي آ جا
سنڌ ڌرتي آ جا
منهنجي سرتي آ جا
آءُ جنهن گهر رهان
جنهن جي پوڄا ڪريان
مندرن وانگيان
مسجدن وانگيان
جنهن جي عزت جي لئہ
مان مران مان جيئان
پنهنجي ڌرتي مٿان
سو بہ گهوري ڇڏيان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجن نيڻن تي،
شام لهي آئي.
تون ڇا هلي وئين،
سانئڻ جيون تي.
شام لهي آئي.
سج وجي لڪيو،
سيني رستن تي،
شام لهي آئي.
ٿڪيل مسافر جي،
ڏکيل پيرن تي،
شام لهي آئي.
ڪهڙو واءُ ڳهليو،
پنهنجن ڇهرن تي.
شام لهي آئي.
پنهنجي ريڪائن ڪان،
خالي هٿن تي.
شام لهي آئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پـڏنـدڙ سـج جيـــــــان
هڪ ڏينهن گم ٿي ويندس.
مــون ڪــان منهن مَ ڦــيــر،
مـــون کي پڌ مـــيـــــان.
هڪ ڏينهن گم ٿي ويندس.
مـــوت مــتـــــان مـــارين،
ٿـــــورو وقت جيـــــان.
هڪ ڏينهن گم ٿي ويندس.
ڪجهـــ به ونـــــٽـــو ناهي،
جيـــــــــــڪي آهي ڏيـان.
هڪ ڏينهن گم ٿي ويندس.
تـــنــهـــنــجي دَرَ يـــا دار
هڪـــــڙي پاسي تــــيـــــان.
هڪ ڏينهن گم ٿي ويندس.
پَل ۾ خوشـــبـــوءِ جيـــــان،
ڪـــڪـــــــرن جي پويان.
هڪ ڏينهن گم ٿي ويندس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجي گهر اچي،
تنهنجن وارن ۾،
نينڊ وساري آيو آهيان.
جن تان لنگهي وئين،
انهن چارن ۾،
نينڊ وساري آيو آهيان.
مون کي ڳولي ڏيو،
هت ڪٿ تارن ۾،
نينڊ وساري آيو آهيان.
تنهنجي ڪمري جي،
دَرَ ديوارن ۾،
نينڊ وساري آيو آهيان.

●



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر شي لڙهي وئي،
تنهنجي يادن جو.
ساغر ڇلڪيو آ.

هوا ۾ هٻڪار،
ڪنهن جي ساهن جو.
ساغر ڇلڪيو آ.

رات سڄي روشن،
چنڊ ستارن جو.
ساغر ڇلڪيو آ.

هر مڪ اولڙا!
ڪاٺي عڪسن جو!
ساغر ڇلڪيو آ.

رنگ ۽ روشنيون،
ڪيڏو ڇهرن جو.
ساغر ڇلڪيو آ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ هاڻِ جام آچيو،
اسان پيئڻ ڇڏي ڏنو.
اسان پيئڻ ڇڏي ڏنو.
نہ رند ئي رهيا اُهي،
نہ مئڪده نہ محفلون،
رهيو رڳو سَراب آ،
رهيو ڪٿي شراب آ؟
اسان پيئڻ ڇڏي ڏنو.
نہ هاڻي جام آچيو.
مبارڪون مبارڪون،
چون توهان ڪي سڀ سڪيون،
توهان جي لئہ اٿن اکيون،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توهان جي لئہ جهڪن اکيون،
اسان آهي اڪيلڙا.
اسان جيئڻ ڇڏي ڏنو.
هي چوڪ گهر گهٽيون سيئي،
اسان جا هاڻ ڪٽ رهيا.
اسان ٿياسين اجنبي،
اسان اچڻ ڇڏي ڏنو.
اسان وڃڻ ڇڏي ڏنو.
نہ هاڻ جام آڇيو،
اسان پيئڻ ڇڏي ڏنو.
هي جنتون ۽ نار سڀ،
هي پيار جا اچار سڀ،
هي عشق هي معاهدا،
هي واعدا هي فاعدا،
اسان ڪرڻ ڇڏي ڏنو.
اسان ٻرڻ ڇڏي ڏنو.
نہ هاڻ جام آڇيو،
اسان پيئڻ ڇڏي ڏنو.

●



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اکيون نيڻ ڪٽن.

تون شل اچين او! متي.

دعا هٿ ڪٽي متي،

گهري آهِ گهرن.

تون شل اچين او! متي.

ٿڌيون هوائون لڳن،

وا هوندا ورن.

تون اچين شل او! متي.

نيٽن ڪي نہ ڪپي پيو،

تو ڪي ٿا چاهين.

تون اچي شل او! متي.

هر هر مُڙي آ ڏنو،

درين دروازن.

تون شل اچين او متي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## نظم

چنڊ ڳوڙهن جي سيلاب ۾ ويو ٻڏي،
سڀ ستارا ٽي ٽانڊوٽا اڏري ويا.
ٽيپ تي پئي لتا جو ڪو نغمو هليو
ڪو وهاڻي ۾ منهن کي لڪائي رُنو
دير تائين پڙاڏو ٿيو ساهه جو
دير تائين هلي ٽيپ بند ٿي وئي
ڳالهه ڪا ڪانه هئي
خط پراڻا پڙهي ياد آيو هئو ڪو
اوچتو اوچتو
چنڊ ڳوڙهن جي سيلاب ۾ ويو ٻڏي!

●



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون لئہ چپر چانءُ،
چڙوڻ کي چو تو کپين.
اَسُر ويلي روز هت،
لنوندو آهي کانءُ.
چڙوڻ کي چو تو کپين.
مون پوکيندي آ ڏنو،
هن کي پنهنجو نانءُ.
چڙوڻ کي چو تو کپين.
ضرب هٿين تو هن کي،
کپجي منهنجو هانءُ.
چڙوڻ کي چو تو کپين.
دليون ڏکائڻ جو،
ڏسيو اٿئي کنهن ڏانءُ.
چڙوڻ کي چو تو کپين.
ٻَڌي ننڍڙي پينگهہ هت،
لڏندو هئس آءٌ.
چڙوڻ کي چو تو کپين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دريائن کي ٽـــئي ٽـــو،
پـــر نـــظـــر کـــي.
ﭘﻴـــو ڪنارو ڪونهي.
مـــشـــڪل يادن واري،
پوئـين پـهـــــر کي.
ﭘﻴـــو ڪنارو ڪونهي.
بس نـه ڪـــــتندڙ پند،
تنهنجي شـــهـــر کي.
ﭘﻴـــو ڪنارو ڪونهي.
پيـــــاريندو ٿي رهـ،
ســـاقي ســـاغر کي.
ﭘﻴـــو ڪنارو ڪونهي.

•



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون جيئن ئي آئين.
چنڊ چڙهي آيو.
هوري هوري اچ وري،
نشي جيئن چائين.
چنڊ چڙهي آيو.
آئيني ۾ منهن ڏسي،
چري ٿي پائين.
چنڊ چڙهي آيو.
ڪل ئي ڪانه پئي،
هاءِ بجي ڪائين.
چنڊ چڙهي آيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



درد جو شهر ۾ مان.
آخري پهر ۾ مان.
نيٺ ساهه ڪٽندا سين،
هي منهنجو سفر ۾ مان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود هجن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

**books.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

سورهہ سنڌي ادب جي واٽس ايپ گروپ جي لنڪ:

https://chat.whatsapp.com/Ccc0pAnEJWk79h92OCt6Nu